

شاه عبداللطيف

جو

"سر سهڻي"

دفعو پهريون]   قيمت ~~٢/~~ (چار) رپيا   [سنه ١٩٦٨ع

سهڻي - ميهار

شاهه عبداللطيف جي سر "سهڻيءَ" کي اهو نالو اُنهي مضمون مطابق ئي ڏنو ويو آهي. گائڻ وديا موجب اُن کي سر "توڏي" ڪري سڏڻ کپي. توڏي راڳڻي، ديپڪ راڳ جي پنجن "پارياڻن" (زالن) مان هڪ آهي. اَڪثر رات هيءَ راڳڻي اُسر جي پهرئين پهر ۾ ڳائبي آهي. راڳ مالا ۾ توڏيءَ جي تصوير نهايت دلڪش ڏنل آهي. هوءَ ڇهڇ سائي ڳاهه ڇانيل ميدان ۾ ڪڙي بيٺي، ستار کي ڇيڙي، سر بيٺي آلاپي. جسم تي سفيد ساڙهي اوڍيل ۽ ڪلهي تي نيرو ڪنجرو پيل اَٿس. سندس نيڻ نيلي ڳگن ۾ ئي کتل آهن ۽ هوءَ ڪنهن اَهڙي ويچار ۾ مگهن آهي جو سمڪ ڪانءَ تي پويس ته سندس سنگيت جي تان تي مرگهه موهت ٿي چوطرف اَچي مڙيا آهن.

سهڻي - ميهار جو قصو سنڌ ۽ پنجاب ۾ نهايت مشهور آهي. ڪهاڻي اَهڙي ڪشش پوري آهي جو هوند پٿر به پگهاري ڇڏي. ڳالهه ٿا ڪن ته مغل دور ۾ جڏهن شاهه جهان ساري هندستان جو شهنشاهه هو، تڏهن ملڪ جي رونق ڏسڻ وٽان هئي. شاهه جهان شان ۽ شوڪت جو ڪوڏيو هو. لکها رپيا خرچ ڪري،

ٻہ اکر

ڪنهن سبب سنڌي شاگردن جو سنڌي شعر مان چاهہ صفا نڪرندو ٿو وڃي. شعر ۾ جو لطف آهي سو نثر ۾ نصيب نہ ٿيندو ۽ لطيف جي شعر ۾ جو لطف آهي سو ٻئي ڪنهن سنڌي شاعر جي شعر ۾ نہ ملندو. انهيءَ ڪري سنڌي شاگردن ۾ شعر لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ جي هڪ آخري ڪوشش آهي سنڌيءَ جي بلند پايي شاعرن جو شعر شاگردن کي پوري پيماني تي ۽ سندن وس آهر ڪين حاضر ڪري ڏيڻ. انهيءَ مراد سان سنڌ جي شيڪسپيئر، شاهہ عبداللطيف جا لوڪ پريہ آکاڻين تي بيهاريل ”سر“ ٻئي وقت ٻوقت ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. انهن مان هيو بہ هڪ ٻوجن سڌ ٿو ٿئي. ڪاليجي وديارٿين لاءِ درسي ڪتاب ميسر ڪرڻ. پارس جي وشو وديالن ۾ جتي بہ ڊگري امتحان لاءِ سنڌي پاڙهڻ جو پربنڌ آهي اتي شاهہ پارن سنڌ جي ٻين شاعرن جي شعر جو اڀياس ضروري طور ڪرڻو آهي. انهن لاءِ شاهہ عبداللطيف جا جدا جدا ڇپايل ”سر“ ڏاڍو ڪارگر ٿيندا. هيل شاهہ صاحب جو ”سر سهڻي“ پيش ڪجو ٿو وڃي ۽ اميد آهي تہ اڳي موافق هن جو بہ پورو قدر ٿيندو.

چيتن ماڙيوالا — بمبئي، ١٩٦٨ع

Printed by Karmhcand N. Dewani at the Chandan Printing Press, Hansali Tank Lane, Dadar, Bombay 28.
and published by Prof. C. L. Mariwalla Jai Hind College A Road, Churchgate, Bombay 1.

سنيرائي، پٽ کي سفر تي اُسهڻ جي اجازت ڏنائين. جوان مرزا اُتي هندستان ۾ خوب سير شغل ڪيا ۽ لطف ورتا ۽ مال جي متا ستا ڪيائي. آخر وطن ورڻ جو ويچار ڪيائين. موٽندي هن جي قافلي گجرات شهر ۾ اچي ڏيرو ڪيو. گجرات پڙهيو پاڳيو، هنر ۽ ڌن دولت ڪان مشهور هو. گجرات نگر جي ٿانون ڪان خاص هاڪارو هو. اهي ٿانو اهڙا ته نزاڪت ڀريا، نفيس ۽ سهڻا هئا، جو امير ۽ حاڪم پڻ انهنجي خريديءَ جا مشتاق هوندا هئا. ڇا سندن سڊولائي هئي ۽ ڇا چٽسالي! سندن رنگ روپ ۽ روغني جلوو خريدارن کي موهي ڇڏيندو هو. سراءِ ۾ رهندي مرزا جي ڪن سگهڙ ماڻهن سان ڏيٺ ٿي ۽ ڳالهين ڪندي پتو پيس ته تلا ڪنڀار جا ٿانوَ ساري شهر ۾ سهڻي ۾ سهڻا هئا. سو ايڏي ساراهه ٻڌي هڪ نوڪر چاڙهي موڪليائين ته نموني طور ڪي ٻن ٽن وٺي اچي. خيال هوس ته جي اهي مونکي پسند آيا ته پوءِ ڪجهه ٻيا پڻ خريد ڪري سوکڙيءَ طور اهي گهوٽ نيئي هلبا. نوڪر جڏهن تلا ڪنڀار جي دوڪان تي آيو ته خريدار ۽ خريد جون جنسون ڏسي دنگ رهجي ويو. ٿانوَ سي نگر جا هئا پر ٺاهيندڙن منجهن جنسي پنهنجي جان ڦوڪي هئي. حق تي تلا ڪنڀار جو نالو وڏو هو! واقعي سندس ٿانوَ عبرت ۾ وجهندڙ هئا. نوڪر سودو ته سڦرو ڪيو، مگر پئسا

عاليشان عمارتون، بلند منارا ۽ خوشبودار دلڪش
راحت بخش باغ بوستان رچي، دنيا جي مجازي شوقين
ڪي هندستان جو هڪواري سير ڪرڻ لاءِ آتاو
بڻايائين. ساڳئي وقت هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ڪمالي
سبب پڻ هندستان جو ناماچار ديسان ديس ايتري قدر
پکڙجي چڪو هو، جو ڪئن ڪتان جا پارکو، واپار
۽ ماهر، ڪشالا ڪيدي، هندستان ايندا هئا ۽ ملڪ جي
ڪلا تي جنسي موهت ٿي پوندا هئا. جيڪڏهن تنهن
زماني ۾ ڌرتيءَ تي ڪنهن هنڌ نس بس سورڳ هو
هتي هندستان ۾ ئي هو، جنهن فارسي بيت ۾ چيل آهي

اگر فردوس بر روي زمين است۔

همين است و همين است و همين است.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن بخارا شهر جي وڏي واپار
مرزا عاليءَ جي هڪ ئي سڪيلڌي ۽ جوان پٽ جي
اُچي دل سرڪي ته هند جو هڪواريءَ ۽ فورن سب
ڪري اُچان ته ڪهڙو عجب! اُچرج ڇاجو!! مرزا عالي
ٻيو پٽ ورتو هو، تنهنڪري هن ڪي اکين ڪان ه
پري ڪيئن ئي ڪري سگهيو! پر سڪيلڌي پٽ ڪي
صفا ناڪار ڀ، ڪيئن ڪري!!! دل ڪي ڪجهه تسلي
ڏيڻ خاطر پٽ کي مڃايائين ته گهڻو گهٽ سان گڏ وٺ
واپار ڪرڻ ۾ هرج ڪونهي. هڪ عمدو قافلو تيار ڪرائي
قيمتي مال جي نظرداريءَ ڪاڻ اعتبار جوڳا نر

وطن ورڻ تي کڄي بيٺي ۽ رستي جي خرچ نڪي ڪيڻ
ڪاڻ ۽ شخصي لالچ وس ٿي هو گهوٻيون هڻڻ لڳا ۽
مرزا کي قري پينگ ڪري، رائوواه بخارا نڪري هليا
ويا. عزت بيگ کي جڏهن ٺڳيءَ جو سماءُ پيو تڏهن
حد آرمان ٿيس، پر هو سهڻيءَ جي هر روز واري مختصر
ملاقات تان هٿ کڻڻ لاءِ هرگز تيار ڪين هو. تنهن
ڪري پئسا نه هوندي به هو ٿلا کان ٿانوَ اوڌر تي کڻڻ
لڳو. جڏهن اوڌر چڪائي نه سگهيو تڏهن ٿلا سان پوڙهيو
ڪري رقم ڀاڙڻ جو ذڪر ڇوريائين. ٿلا کي مٿس ترس
آيو، تنهن ڪري مال چارڻ ۽ کير ڏهڻ جي سوکي ڪرت
مٿس رکيائين. جيتوڻيڪ هيءَ مزوري مرزا جي شان
وٽان ڪين هئي، ته به ڌڻيءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳو جو
کير ڏهڻ جي صدقي ڪيس سهڻيءَ جو ديدار ته پيو
نصيب ٿيندو!! پاڻ ۽ ڌڻيءَ ۾ ايمان ڌارڻ جا مرزا کي
جلد ۽ جهجها ڀاڙا مليا. هڪ لڳا جئين هو کير ڏهي
رهيو هو تئين سهڻي جا اٿان اچي لانگهاڻو ٿي تنهن جي
دل اچي ٺاري کير پيئڻ تي ٿي. ڪانئس ڇڪر سير کير
جو گهريائين - مرزا کي پيو گهڙ ٻوڻي ڇا هو!! کير ونندي
سهڻيءَ جون نظرون وڃي ميهار جي نظرن سان مليون ۽
سندن پريت اُن مهل ئي پڪي راس ٿي. هاڻ ته تازي
کير جي بهاني پيو سهڻي ۽ ميهار جو گڏجڻ ٿيندو هو
۽ اُها مهل هو پنهنجي دل خوب بهلائيندا هئا. پر خون

چڪائڻ مهل جڏهن سعدس نظر ٽلا جي نياڻيءَ تي
پيئي ته مڙس ڀت تي پيهجي ويو. ههڙي سونهن هڪ
جسم ۾ هوءَ ڪڏهن ڪين سهيڙيو هو! ٻوءِ جيئڻ تي سرت
۾ آيو تهن سيگهه ۾ شيون آڻي عزت بيگ اڳيان رکيائين.
مرزا سان اها حقيقت پڻ سليائين ته ٽانون ڪان وڌيڪ
ڪنيار جي نياڻي ڏسڻ وٽان هئي. مرزا نوڪر جو بيان
ٻڌي اُٿڻ ڏني جڳ اُن نينگر تي هرڪو هاري ويٺو.
وڻندي اُسر جو عزت بيگ پاڻ هليو خريداريءَ تي.
ٽلا جا ٽانو ٻيشڪ حيرت جهڙا هئا. حق تي ٽلا جي
دوڪان تي سارو ڏينهن خوب خريداري جمي بيٺي
ٿي رهي. ٻر سهڻي ٽانون گان گهڻي سهڻي ٿي لڳي.
چڱي چستائيءَ سان ٺهي پيءُ ڪي ڌنڌي ۾ واهر ڪيائين.
عزت بيگ سهڻي ڏسي دنگ رهجي ويو. ههڙو مکڙو
نه هرروز ڏسجي، ۽ پيو ڏسجي، پوءِ ٽيڻ جو هوني
ڪٿي! جهٽ پاڻ سنيالي هڪ رمز رٿيائين. ڇو نه ٽلا
ڪان ٽانو ٻڌي اڳهه تي خريد ڪجن ۽ پوءِ ريزڪي طرح
نيڪال ڪجن. خريداريءَ جي ٻهاني ٽلا جي دوڪان
تي اچي ٽانون جي چونڊ ۾ ڪبي ۽ سهڻيءَ جو دل
گهريو ديدار ۾ نصيب ٿيندو. سو عزت بيگ اها نيت
ڪري ڇڏي - ٽلا وٽان ٽانو ڳنهي پنهنجي سر نيڪال
ڪرڻا. جڏهن سعدس ماڻهن ڏٺو ته ٽيو مرزا ته هاڻ
مُلڪ موٽڻ جي نٽو ڪري، تڏهن سعدن دل واپس

ڪري سندس گذران سوکو ٿي پيو. جيئن سندس ناماچار وڏو پکڙجندو، تيئن شهر مان آسائتيون استريون پڻ زيارت لاءِ وٽس اچڻ لڳيون.

هوڏانهن سهڻي پڻ سگهي ڪين ٿي. هنگي جو زوريءَ ڏم سان پرڻايو ويو هو تہ هوءَ اندر ۾ پيئي ڏجهندي هئي. ميهار سان "لنؤ لائي هوءَ ڏٺيءَ در" پيئي پاڏائيندي هئي تہ سندس "ست" هميشہ قائم رهي ۽ ڪنهن پر ميهار سان ضرور سندس مڪاميلو ٿئي. ٿيو بہ ائين. ڏم ڏينهن جو هڻ پٽ ڪري رات جو سولائي سمهي پوندو هو، جنهن ڪارڻ سهڻيءَ کي اڪيلائي گهارڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن ٻارڙهين زالن جي ذڪر مان هن پروڙي ورتو تہ هيءَ نئون فقير جو پرانءِ پر دونهين دکائي اچي ويٺو هو، سو پيو نہ پر سندس ساهڙ ميهار ئي هو. هاڻ ڪيس اچي اتاولائيءَ ورتو تہ فقير جو ديدار ڪجي. وجهہ ملڻ تي سهڻي هڪ ڏينهن پاسيوارين زالن جي سنگ ۾ پرانءِ پر جوڳيءَ جي جوءِ تي ويئي ۽ اکہ ڇنڀ ۾ ڄاڻي ورتائين تہ هي نئون فقير برابر ميهار ئي آهي. ميهار پڻ ڪيس جهٽ سڃاتو. اشارن وسيلي ميهار درياهہ ٽپي سهڻيءَ پر اچڻ جو اقرار ڪيو ۽ سهڻي پڻ درياهہ ڪناري اچي ڪيس ملڻ جي پڪ ڏني. ان رات پئي ڏينهن سنجها ٿيندي ئي سهڻي ڪو ميٺهن ڪري اچي ميهار کي ملڻ مهل،

۽ ڪستوري لڳڻ جا ڪيئن. اڄ نہ سيان قصو ظاهر ٿي
پيو ۽ ليلا ٻيو وسيلو نہ ڏسي، سڄڻ جي صلاح ٿي اڪڙ
۾ سهڻي، ڏم ٿالي ڪنهن ڪرڙوٽ سان ٻرٽاني ڇڏي
۽ ميهار کي والاڻ ٿان لوڏي ڪڍيو. حالتن جي هن
اوچتي ڦيري ڪارڻ ميهار جي لہ دنيا مان دل کٽي
ٿي پيئي ۽ هوءَ جهنگ منهن ڏيئي هليو ويو. گهمندي هوءَ
اچي ڪنهن ٻهاڙيءَ تي پنل جوڳين جي مڙهيءَ وٽان
لانگهائو ٿيو. سندس دل ۾ دونهين تہ دکيل ٿي رهجي
ويئي هئي، سو ڪنهن فيض حاصل ڪرڻ ڪاڻ مهنت
اڳيان شيوا ٽهل ڪاڻ اچي ويٺي رکيائين. سادو
سندس روش ۽ ورتاءُ ڏسي پرسن ٿيو ۽ کيس مڙهيءَ
جي ڪم ڪار ۾ رکيائين. ميهار بہ مڙهيءَ ۽ مهنت جي
دل وجان سان چاڪري ڪئي، جنهن پرسن ٿي کيس
ڪنهن بہ مراد اگهائڻ لاءِ اشارو ڪيو. ميهار کي تہ اهڙو
وجهہ کپندو هو، تنهن مهاپرش سان اندر جو حال اوريو.
ستپرش دعا ڪيس تہ ”تنهنجي اندر جي آس اوس
پوري ٿيندي.“ آديسيءَ جي آسيس وٺي ميهار محبوب
جي وطن طرف وري آيو ۽ درياه جي پرلانءَ پر دونهين
دکاني، اوتارو اڏي، ويهي رهيو. سندس صورت
۽ سيرت اوسي پاسي جي ملاحن ۽ ٻيلي جي مالدارن
کي ڏانهس ڇڪيو، جنهن ڪارڻ وٽس ڏڌ ۽ مکڻ،
ڇڪي ۽ ٻيون اهڙيون وستون جام اچڻ لڳيون. انهيءَ

ٻهي ڇڙڪو گهر ورندو هو، تنهن کي ڪاڏي ڪان پوءِ کي ڪين اڇهندو هو ۽ ڇهت ۾ ننڊ ڪٽي ويندي هيس. سهڻي سيڻي کي سنڌل ڏسي گهر جو در ڏيئي، ايندي هئي درياه تي؛ جتان ڪانهه جي گهاٽن ٻوڙن مان پنهنجي لڪائي رکيل دلي جي آڌار تي تري وڃي ميهار ڀر رسندي هئي ۽ پوءِ ٻهر محبوب جي مجلس ۾ گذاري، اسر ڪان ئي اڳ ئي گهر واپس پهچي ويندي هئي.

هيءَ روزاني رهاڻ پڻ ڪجهه وقت ائين رکي جاري رهي. پوءِ ڪجهه چوڌاري شروع ٿي ويئي. ڪن سڄڻن سهڻيءَ کي اڻانگي ناٽي ايندو ويندو ڏٺو هو؛ تن ڪان رهيو نه ٿيو ۽ هوءَ انهنانگه ڳالهيون ڪرڻ لڳا. انهيءَ تي ڏم، سهڻيءَ کي گهڻوئي سمجهايو، پر سهڻي همت نه پيئي اڇي. هرڪو پنهنجو شوق جو مارو آهي. سهڻي جو ٻاڙ نه آئي ته سندس نران کي رمز سڄهي آئي، جنهن مان "ڪني آگر ويڙي پلي" جو مقصد سهنجائيءَ سان پورو ٿي ٿي سگهيو. پاڻ سان پڇي هوءَ هڪ شام جو سهڻيءَ وارو پڪو گهڙو سرڪائي، ان جي جاءِ تي داءِ ڏنل دلو رکي آئي. انهيءَ رات پڻ روزمره موافق سهڻي درياه تي آئي. اونداهي رات هئڻ ڪري همت وجهڻ سان دلي ۾ ڪوبه فرق نظر ڪين آيو. تنهن ڪان سواءِ سندس من ميهار ۾ اٽڪو ته محو ٿي چڪو هو جو ڪيس ڪانئس

پوري ماڳ تي ملي. ٻئي هڪ ٻئي کي هيتري مدت
بعد ھيڪلو ملڻ تي خوشيءَ ۾ مدهو ٿي ويا - ميهار جو
پلو پڄاڻي ساڻ کٽي آيو هو، سو ٻنهي گڏجي دل سان
کاڌو. ڳچ مهل گذرڻ تي سهڻيءَ ميهار کان موڪلايو.
پاڻ ۾ اهو پڪو ڪيائون ته هر روز نماشام ميهار درياه
تي هن پر ايندو ۽ سهڻي اتي حاضر رهندي.

ان ريت هو روزانو پيا پاڻ ۾ پرت ونڊيندا هئا.
هونئن ته هر روز ملاح ۽ ماڇي پلو مڇي فقير وٽ آڻيندائي
رهندا هئا، پر ڪو ڏينهن اهڙو اچي سهڙيو جو ڪڙني ڪونه
آيو ۽ ميهار منجهي پيئو ته هٿين خالي هن پر ڪيئن
هلبو. پيو ڪو واه وسيلو نه ڏسي هن پنهنجي ٽنگ جي
ران ڪپي، اها کٽي سيڪي پڄائي ۽ پوري مهل تي
درياه تي اچي سهڻي پر ٽيو. پر ٽنگ جو رت ڇڏيو
هو ۽ درياه پار ڪرڻ ۾ جا وڏيڪ جفاڪشي ڪرڻي
پيئي هئس، تنهن ميهار کي ماندو ڪري وڌو هو.
سهڻي هڪدم پروڙي ويئي ته اڄ ساڄن سان ڪا ڦهري
ويڌن ٿي آهي. پڇا ڪرڻ تي ميهار ساري حقيقت
پيرائتي ريت سهڻيءَ اڳيان رکي. سهڻيءَ ڪيس انهيءَ
قربانيءَ لاءِ دل گهريو داد ڏنو ۽ اقرار ڪيائين ته جيئن
ته هاڻ هن لاءِ درياه تي اچڻ مشڪل هو، تنهن
ڪري هو پنهنجي مڪان تي ويٺو رهي ۽ هوءَ پاڻ
درياه تي وٽس روزمره ويندي. ڏم جو سارو ڏينهن

ميهار نه درياهه جي پرانءِ پر هو، اُن کي رسڻ ڪاڻ،
درياهه پار ڪرڻ ڪانو ڪنهن ڪامل ڪنڀار وٽان ٻيڙو
دلو همت ڪرڻ جي ضرورت هئي، جنهن جي اوٽ
تي مهاساگر پار اڪري، ٻو ڀانءِ پر پرانءِ وٽ پهچجي.
سالڪ کي پرينءَ ڏانهن پهچڻ ڪاڻ، ڪنهن ڪامل
مرشد جي درڪار آهي - دلي سواءِ درياهه پار ڪرڻ
مشڪل آهي. ٻو جنهن تي سالڪ کي ”دوست جو
ديدار“ ٿيندو رهي ٿو، تنهن سنڌس ترقيءَ ۾ زور
وٺندي ٿي وڃي، تانجو سالڪ سڀ سڌ ٻڌ وڃايو
وهي - محب سان ملاقات ڪاڻ درياهه پار ڪرڻ هن
لاءِ آسان ٿيو پوي؛ آخر دلي جي ڀڻ ڪيس درڪار
نه ٿي رهي. انت ۾ اهڙا نوبت اچيو رسي جو هوُ
پرانءِ کان پلڪ به پري رهڻ نٿو چاهي. ٻو اهو تڏهن
ٿو ٿئي جڏهن هوُ پنهنجي هستي مٽائي محبوب سان
ملي هڪ ٿي ٿو وڃي. سهڻيءَ جا سڌ ۽ واڪا ميهار
تڏهن سُيا جڏهن هوءَ لڙهي چڪي هئي، ميهار
تڏهن اچي ساڻس هڪ ٿيو جڏهن سنڌس هستي
مٽجي چڪي هئي.

شاهه لطيف سُر سهڻيءَ ۾ هڪ لطيف طريقي سالڪ
کي صوفيانا چار ڏاڪا - شريعت، طريقت، معرفت ۽
حقيقت جا - صاحب سان ملڻ جا ڏيکاريا آهن ۽ سمجهايو
آهي ته ڪيئن سالڪ پاڻ نهوڙي، پريتم سان هڪ ٿيو

جو سمجهي ٿو ته مون سڀڪجهه پاڻ آهي، وڌيڪ طلب
جي ڪابه ضرورت ڪانهي.

جيتوڻيڪ منش دنيوي وهنوار ۾ ورتو پيو آهي ۽
ٻئي ڪمن ۾ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ڪيس فرصت
ڪانهي، ته به نجو پيا خالص سچ ڪڏهن ڪڏهن ليئا
پائي ڪيس نظر ضرور ايندو آهي. پوءِ جن تي ڌڻيءَ
جي ٻاجهه ٿيندي آهي، سي اُن نجي سچ ڏانهن توجهه
يا ڌيان ڏيندا آهن - اُهي سالڪ آهن. شاهه صاحب
جي سهڻيءَ مان مراد آهي سالڪ جي، جنهن کي ليا ڪن
۾ سهڻي صاحب جو ديدار نصيب ٿيو آهي ۽ هن اُن
جو قدر سڃاتي، اُن تي هرک هاريو آهي. پر سالڪ
جڏهن دنيا مان پاڻ ڇڏائي نڪڻ ته سچي صاحب ڏي
پورن ڌيان ڏئي ۽ اُن کي پائي. پر اندر ٻوڙي ٻاهر
جبرون رڪاوٽون ڪيس روحاني راهه تي هلڻ کان
روڪين ٿيون. من، جو ڏم مثل ڏائڻ ٿيو پيو منش کي
ڏنب ڏئي ۽ مايا جو کيل جنهن تي هرڪو هرکيو پيو
آهي، تن کان منش ڪيئن پاڻ ڇڏائي، جو اڳتي قدم
وڌائي سگهي؟ سالڪ کي ڪن جوڳن اُپاوَن ۽ ڪن
سادنن جي خاص ضرورت آهي. من پيا نفس تي قابو
پائڻ ڪاڻ عقل ۽ ايمان گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا.
سهڻيءَ جو اهوئي لڄن هو ته ڏم ۽ سندس مائٽن کي
سمهاري پوءِ آءٌ ميهار سان ملڻ جي تياري ڪريان. پر

سُرُ سُهڻِي

داستان پهريون

١- وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِتِ نيهُه، تِکَ نِرالي،
جَنِ کي عِشقُ عَميق جو، سي خَلوَتَ خيالي،
وارِيئِن سي، والي! هيڙو جَنِين هَمَتِ ڪِئو.

٢- اَندِيَ وَچُون، ڪَندِيَ وَچُون، تَنگِنا لَهي نه تِکَ،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، ڏِيلَ پَهچي ڏِکَ،
واهُڙَ تَنهِين وِکَ، جَنِ سانپارا سُپِرين.

٣- واهُڙَ وَهَنِ نوان، اَچا وَهُ اَگِي ٿِئو،
گهَر وِيٺيُون گهَٽا ڪريو، سَرتيُون! سَگَ سَوان،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِٺي آن،
هُنَدَ نه پُلِئو مان، گهِڙو سَپُ ڏَهَڙا ڪَٽي.

٤- جيڏيُون! ڏِنيانِ جي، صُورَتَ ساهَڙَ جام جي،
سُکَ ٿِي سُتيُون ڪِينَ ڪِينْ، ڪانڌَن پاسي ڪي،
مُنهائي اَڳي، گهِڙو سَپ ڏَهَڙا ڪَٽي.

وڃي - ”طالب کي ظاهري طرح سڄاري سنڀت ڀل هجن، ۽ هنجو هنڌون حبيب سان حل هٿڻ گھرجي؛ شريعت لئي ٻڌو رهي، طريقت ۾ هلڻ جڳائيس، ۽ معرفت ماڻي، حقيقت سان هڪ ٿيڻ کپيس.“

ڇٽن ماڙيوالا

١٠- وَٽِنِ وينا ڪانگَ، وِڇِين تي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سُٽي سانجهيءَ بانگ،
سيئي ڏُوندي سانگ، جتي ساهُڙُ سُپرين.

١١- گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهُون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فدا شد چہ باشد،
وَصل اِهوئي وَنگُ،
رات جنين جو رنگُ، الا! سي اُڪارين.

١٢- گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهُون نهاري ٻنگُ،
وَ اَمّا مَنْ خافَ مقامَ رَبِّهٖ، اِيءُ لنگهيائين لنگهه،
سڪندين کي، سيّدُ چئي، ڪين جهلندو جهنگُ،
رات جنين جو رنگُ، الا! سي اُڪارين.

١٣- گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ڇيلهه ٻڌي ڇوٽو،
مُهجو مَنُ مهار کي، پار وڃي پهتو،
گوتي م گوتو، مُنکي مُحبّ مهار جو.

١٤- گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين باهُون،

٥- ڏِٺي جن هيڪار، صورت ساهڙ جام جي،
سُک سُتيون ڪِين ڪِينَ، پِري ساڻُ پَنار،
گهڙيون گهڙنئا ڏار، ڪاهي پيئون ڪُن ۾.

٦- ساهڙ مون جنءِ، سرتيون! جي ڏسو سيئي،
نه سُمهو ڪِين سُک ٿِي، پاسو وَر ڏيئي،
مُنها اُٿيئي، گهڙو سِپ گهڙا ڪڍي.

٧- جيڪين ڏٺو مان، سو جي ڏِٺو جيڏيون،
گهر وَرنِين سان، هُنَدَ گهڻِن گهوري ڇڏئا.

٨- گهڙن واريون ٽڙن ٿي، گهڙن گهٽيئي،
سيڪا جي "آن سوڪڙي، لاءِ پريان پيئي"،
صُباح سيپئي پسيون پاتار ۾.

٩- ڪندي اُپيون ڪيتريون، "ساهڙ، ساهڙ" ڪن،
ڪنبين سانگو ساهه جو،
ڪي "ڏهوريس" ڪئو گهڙن،
ساهڙ سندو ٿن، گهاگهائي گهڙن جي.

واجِبُ وُجِي وُجُودَ ۾، رَهِيو رُوحَ رَبابُ،
ساهَڙِ ءِ صَوابُ، آئُون ڏُهطُوئِي گهورِيان.

٢٠- ڳَهڙو يَڳو تہ گهورِئو، تان ڪِينَ تَرُ، هِيان!
اَدَبُ اَکَڙِيَنِ کي، ڏِيهاڙِي ڏِيان،
مِهارَن مِيانِ، سَئُون سُنهايمِ پيچَرو.

٢١- ڳَهڙو يَڳو تہ گهورِئو، آسَرو ۾ لاهيجِ،
لا تَقنَطُوا مِن رَحمَةِ الله، تُرهي اِنَ تَرِيجِ،
حَبِيباڻي هيجِ، پَسِين مُهُ مِهارَ جو.

٢٢- ڳَهڙو يَڳو، مُنڌَ مُئي، وِئا وَسِيلا،
سارَ ڇڏِ يائِين سِيرَ ۾، هَڏِيءَ! رَهِئا حِيلا،
سُهِڻي جا سِيلا، وَحدَت سَڀ وِڃائِيا.

٢٣- ڳَهڙو يَڳو، مُنڌَ مُئي، وَسِيلا وِئا،
تِهان پوءِ سُئا، سُهِڻيءَ سَڏَ مِهارَ جا.

٢٤- جڏهِ وَسِيلَنِ، لوڙهي ڇَڏي لُڙُ ۾،
پارارا پِرِيَنِ، تَڏهه پُڇِي سوهڻي.

ويچارِيَ وَڏيُون ڪيُون، وچ دريا داهُون،
موٽ، مُحِب! پاهُون، تاڪُن ٽَڪِي آهيان.

۱۵- گِهڙِي گهَڙو هَٿ ڪَرِي، اِلاهِي تَهار!
جَنگهه جُرڪِي وات ۾، سِسِي ڪِي سنسارَ،
چوُرا ٻيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙِيس وار،
لَڪِين ڇُهنِيس لوهَٺيُون، ٽِليُون ٽَرنِئُون ڏارَ،
مڙِئا مَڇ هزارَ، پاڳا ٽِنَدِي سوُهَٺي!

۱۶- منهن جهِين جي مُون، ڏنو مُنَ مهارَ جو،
آهِم ساهَ سَئُون، سو ڪِن گهڙو گهوريان؟

۱۷- گهَڙو ٻَگو تَ گهوريو، مَر چُڙَ ٿِيي چُوڙُو،
طَالِبُ الْمَوْلِي مُذَڪَّرُ، اِيُ ٻُڌَندِن ٻُوڙو،
ڪوڙهئو ڏمُ ڪُوڙو، مُون مِهارُ مَنَ ۾.

۱۸- گهَڙو ٻَگو تَ گهوريو، مَرُ ٻيڙَ ٿِئِي ٻاهِمُ،
طَالِبُ الْمَوْلِي مُذَڪَّرُ، اِيُ پَرِ اَساهِمُ،
پُئان مَ پاهِمُ، مُون مِهارُ مَنَ ۾.

۱۹- گهَڙو ٻَگو تَ گهوريو، پاڻا هو حِجابُ،

سِڪَ رَساڻي، سُوهِڻي! اَصلِ عاشقَنِ،
سي جهليُون ڪِين ڪُنَنِ، پُڇِنِ جي مِهارَ کي.

٣١- پُڇَنِ جي مِهارَ کي، پُڇي سي مِهارُ،
تُرهو تَنهين بارُ، عِشقُ جَنهِين کي آکَرو.

٣٢- عِشقُ جَنهِين کي آکَرو، تُرَهو مَٿي تَنِ،
جي ساهَڙَ کي سِڪَنِ، تَنهِين جَرُ جَندُ ٿيي.

٣٣- تُرَهو آڇِ مَ تَنِ کي، جَنِ عِشقَ سيِن آگاهُ،
پُڇي مَس مَلاحَ، ساهَڙَ مَٿي سُوهِڻِي.

٣٤- ساهَڙَ سا سُوهِڻِي، سائِرُ پُرِ سوئِي،
آهي نِجوئِي، ٻُجهُه: ٻُجهاندَرَ ٻالَڙِي.

وائي: ڪهڙي مَنجهه حسابَ؟ هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!
گولِي! پَئِجَ گُناهَ ڪانِ، ڪونَهَ سَوُلُ ثَوابَ،
هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!
نَڪِين تَفاوتَ م، نَڪِين مَنجِهه رِبابَ،
هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!

٢٥- پاڻ ۾ ڪَٽِج پاڻَ سين، وَسيلا وڃاءِ،
عِشقَ ساڻُ اٿاءِ، پيرُ پريان جي پارَ ڏي.

٢٦- پاڻ ۾ ڪَٽِج پاڻَ سين، وَسيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگھائي، سُوهِڻي! پِرت وِڃھنديءَ پارِ،
سي تُرهه لَنگھنديُون تارِ، اُڪنديَ آڳَهُ جَنِ سين.

٢٧- پاڻ ۾ ڪَٽِج پاڻَ سين، ڙِءَ وَسيلي وانءُ،
مَٽاءِ سائُرَ، سُوهِڻي! پِرت وَنڃي پانءُ،
نيهَ نِگَندي نانءُ، وَنءُ پِريان جي پار ڏي.

٢٨- پاڻ ۾ ڪَٽِج پاڻَ سين، ڙِءَ وَسيلي وَڌُ،
لالَنُ تَنهين لَڌُ، عِشقُ جَنهِين جي اَڳَ ۾.

٢٩- پاڻ ۾ ڪَٽِج پاڻَ سين، ڙِءَ وَسيلي وَڃُ،
پيلو پيري پَچُ، اُڪَنديَ ڪَرِ عميق ۾.

٣٠- ڪونهه آڳهه اِهڙو، جهڙي مَحبت مَنِ،
آيئُون اورِيين پارَ ڏي، ڪُڙيُون ڪَڪ پَٽنِ،
نَدي تَنِ نيڙُ نيي، جي ڙِءَ تُرهي تَرَنِ،

فنا وِجهي ڦر ۾، ڪارڻ تِني ڪباب،
هُئڻ مُهجو هوت ري، لا!

ڏي طهورا تن کي، جي سِڪن لاء شراب،
هُئڻ مُهجو هوت ري، لا!

مُٺي ڪِٿا مرض ۾، جاوا سڀ جواب،
هُئڻ مُهجو هوت ري، لا!

داستان ٻيون

١- ڪرڳل ڪوچ ڪُن گهٽا، جِت جر واڳو جٺائين،
پاڻ اُڇلي آب ۾، وه سِر وِڌائين،
لهريون لنگهيائين، لُطف ساڻ، لطيف چئي.

٢- ڪرڳل ڪوچ ڪُن گهٽا، جِت ڏڙڪو منجهه درياه،
اچئو اُتاهم گهڙي، سانگو ڪري نه ساه،
ساهڙ جي صلاح، پار لنگهايس ٻاجهه سين.

٣- دهشت ڏمر درياه ۾، جِت هيبت هُلاچو،
وِرجي ويرن وِچ ۾، ڪاڏي وِئو ڪچو؟
ساهڙ جام سچو، ساٽي تندم سير ۾.

خُدائي خوبُ ٽيڻ، لائين جي لُعاب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
پليت ئي پاڪ ٿيي، جنهنجو منجهه جناب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
سو نه ڪهڙ شيءِ ۾، جيڪين منجهه تُراب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
هوءِ جي جرڪيا جر ٿي، سي ٿان سڀ حُباب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
هادي سين هُن پار ڏي، رڙهين سارڻ رڪاب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
ڇنبو وجهي چور کي، آءُ چڙ، عقاب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
ذيڏ وچاءِ ۾ دوست جو، هلي منجهه حجاب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!
ڪثرت آهي قرب ۾، اِدغام ۾ اِعراب،
هِڪڙو مُنهنجو هوت رهي، لا!

٨- دهشت دمّ درياهَ ۾، جت ڪُنن جو ڪڙڪو،
آهه انهن پار جو، دل اندر دڙڪو،
پڇي سڪ سيدَ جي، سير سنڌو سڙڪو،
والي! ڪج وڙُ ڪو، ته پار لنگهيان ٻاجهه سين.

٩- دهشت دمّ درياهَ ۾، جت لُڙَ، لهريون، لس، ليٽ،
آٺو اوياڻ ۾، ٻانڌي ٻوڙي ٻيٽ،
جت چڪرَ جي چيٽ،
اُت، ساهڙَ! سير لنگهاءِ تون.

١٠- دهشت دمّ درياهَ ۾، جت ٽڪيون توارون،
مُڇيون مان مهار کي، ڦهڻ ڦُڪارون،
لڏُ، ساهڙَ! سنياروُن، ته لهرن لوڏي نه مران.

١١- دهشت دمّ درياهَ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌ سير جو، مڃ نه ملاحن،
درندا درياهَ ۾، واڪا ڪئو وڙن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هلئا هيٺ وڃن،
ڦرو پئدا نه ٿئي، ڏکيو منجهه تن،

۴- دَهشَتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جتِ سَنانا سنسارَ،
بيحدِ باگھو بحرَ ۾، هيبتناڪ هزارَ،
ساريان ڪان سرير ۾، طاقت توهان ڌارَ،
ساهڙَ جامَ! سَنارَ، سگھو رسج سير ۾.

۵- دَهشت دمُ درياهَ ۾، جتِ ڪَڙڪا ڪُنَ ڪرينِ،
ٻچَلِ ٻانڊي ٻارِ ۾، اُت لهريون لوڏا ڏينِ،
سناورَ ساميا، اُت سيٽا نه سَندينِ،
جت ويريون وات نه ڏينِ،
اُت، ساهڙَ! سير لنگهائيين.

٦- دَهشت دمُ درياهَ ۾، جت ڪَڙڪو ڪُنَ ڪري،
لوڏي تاڪُنِ وچ ۾، مَتاءِ ويرَ وري،
آءُ، ساهڙَ! مُهجا سُپرين! پرتا پير پري،
هادي! همٿ ڌري، اونهي مان اُڪارين.

۷- دهشت دمُ درياهَ ۾، جت ڪُنَن جا ڪَڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل ڌَڙڪا،
ساهڙَ! تون سُرڪا، فريادي فقير جي.

عَقُلُ، مَتِ، شَرَمُ، ڇَيئِي نِيهَ نِهوڙِئا.

٢- گهيڙا ڪَري نَہ گهوڙَ، تَرُ تَڪِڙ ڪان نَہ لَهي،
جِهِ ڪِي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پُورَنِ مَٿِي پُورَ،
ڪارِي راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهمَنِ ڪِي وَهلُورَ،
جِهِ ڪِي ساڻُ پِريان جا سُورَ،
تِهِ ڪِي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

٣- جِهان گهڙِي تِهان گهيڙُ، ڪَهَرو پُڇَنِ ڪوڙِيُونَ،
ڏَمَ سِينِ جُسو ظاهِرا، مَنَ مِهارَ سِينِ ميڙُ،
سا نَدِي پائِي نيڙ، جِهِ ڪِي سِڪَ ساهَڙَ جِي.

٤- جِهان وَهِي تِهان واتَ، ڪَهَرو پُڇَنِ ڪُوڙِيُونَ،
جَنِ ڪِي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙَ نَہ پُڇَنِ گهاتَ،
جَنِ ڪِي عِشقَ جِي اُساتَ، سي واهُڙُ پائِنِ وِڪَڙِي.

٥- ڪِهِ جِهِ گهيڙَ گهڙِي، جِنِ اَوَتَڙا تَرُ تِهُوسِ،
سالِمَ وِيٺِي سُوهَڻِي، ڪُنَنِ ڪِهِنِ نَہ ڪِهُوسِ،
اُهسَ اَکَڙِينِ ۾، پِريان جو پِهُوسِ،
حَقا حَقُ تِهُوسِ، هَئِي طالِبِ حَقَ جِي.

کو جو قھرُ ڪُنن ۾، وِنا ڪِين وَرن،
اُٿي اَلنارِن، ساھڙ! سِير لنگھاءِ تُون.

١٢- دَرَھڙَ ڏَنس دَرياھ ۾، جِتِ لَھرِيُون ڪَن لوڙا،
سَٽِيُن اَچِي سَموُنڊَ ۾، ٽِنا سِيٽايا سوڙا،
جي تارو ھُئا توڙا، تَن ھَربو پايو ھيڪڙو.

وائي: سَچا ساھڙَ! مُنکي تُون،
اي! وَھِيان واھَر! مُنکي تُون،
اي! نيئي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
ڪُنَ جي ڪارُنپارَ جا، وو! سي آئُون پائيان پُون،
اي! نيئي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
سَندو جِيڙَ آسَرو، وو! مَناءِ لاٿو مُون،
اي! نيئي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.

داستان ٽيون

١- تَڙِ تَڪَڙِ تارِ ڏُھڙَڻُ، اِيُ ڪاٽِيارِن ڪَمُ،
ڏَھ ڏَھ پيرا ڏِينھَ ۾، ڏي ڏورا ڏَمُ،

١١- صَبرُ شاڪِرَنِ، آهي اوطاقِنِ ۾،
جي وَصْلُ ٿيا وِصالَ ۾، سي ذَرو نہ ظاهِرُ ڪَنِ،
وِيٺَ واهَرَ تـرَنِ، هيڙا جَنِّ هڄي وِئا۔

١٢- پَلِ پَلِ ٿي پَلي، ڏَمَر ڏِيهاڻي ڪيترو،
پَسي دَورُ دَرياهَ جو، وِڃا ڪِينَ وَلي،
ڪارِيَ راتِ قَرِيبَ ڏي، مَنجها حُبَّ هَلي،
نَہ ڪِہ جهولَ جَهلي، هُئي سُمَن پُوري سُوهَڻي۔

١٣- جهولَ نَہ جَهلي سُوهَڻي، سائِرَ سَتَ سَندِ ياسِ،
جِہ اِهڙي جائي عاجِزا، سا مَرُّ مَرَڪي ماسِ،
پَسين جي پڻاسِ، نَہ ڪِينْ عِشقُ آڻيين۔

١٤- نَڪا جهولَ جَهليس، نَہ تانگو نَہ تارِ ڪِينْ،
ڏَمُر ڏِيهاڻي ڪيترو، پَرِ ۾ ٿو پَليس،
تان تان جي جَليس، ملي جان نَہ مِهارَ کي۔

١٥- سَہ سِيارو، پاڻي پارو، جِتَ جُهڙُ، جَهڪَ، ۽ جهولَ،
مَنَ اَندَرِ مِهارَ جا، هيڙي اَچَنِ هولَ،

٦- هُئِي طالِب حَقَّ جي، توڏِي لاکُون تورَ،
نَہ مَلاحُ نَہ مَڪِڙِي، نَڪين ٻَڌِي نورَ،
پاڻِي پِني ٻورَ، سُهڻِيَ ليکِي سِيرِ ۾.

٧- توڏِي تورائِين، نيهَ نَوازِي سُوهَڻِي،
ڏِجهِي هارُ حَبيب جو، لائِقُ لَڏائِين،
سو تَرُ سونائِين، جيڏاهَ عالَمَ آسَرو.

٨- توڏِي! تُهائِين جي، سِي هَٿين ڇَڏُ حِرصَ،
ساهُرَ ڏارا، سُوهڻِي! کوئِيُون ڪِن ڪِرسَ،
وَڏِي اِي وِرسَ، جِنَ ڏَمَ وَتِ ڏيہَ گُذارِيين.

٩- توڏِي کي تَعظِيمَ، ٻَئَن سِيَنَنَّا اَگِرِي،
اوڏِي تِي اَلِفَ کي، مَنُ گَڏِ يائِين سِين مِيمَ،
جيلاهَ ذات حَلِيمَ، مِلِي تِي مِهارَ کي.

١٠- سارِي سِڪَ سَبَقُ، شَرِيعَتَ سندو، سُوهڻِي!
طَرِيقَتا تَکو وَهِي، حَقِيقَتَ جو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرڪَ، اَصِل عاشِقَن کي.

پسان ٿهجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار،
جهه تو سڀ جهار، آسائتيون ٻوڙيون.

٢١- ڪڙ ڪڙ، ڪن! مرقج، ٻانڊي ٻوڙ م ٻار ۾،
مون تي جا مهار جي، سا ڪنء ڏٺان ڏج؟
تنء گهڙنديس اڄ، جي اُٻتا آر ڪرين.

٢٢- ادا! ڙي! ٻانڊي! توکي ڪڙهان ڪ پاڻ کي؟
سوڌي خبر سمجهين، تو ڪا تڙ آندي؟
تون پاتار ٿا پانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي.

٢٣- محبتي مهار جيئون، دل اندر دونهيون،
آٽو وجهي آر ۾، لهاٽو لوهيون،
جي ساهڙ جيئون سونهيون، سير سراڙو تن کي.

وائي: مدت ٿيءِ، مهار! يار! ساهڙ! سائر سير ۾.
اونها ڪن، اٿانگ تڙ، اولي هڻ، آڌار!
ساهڙ! سائر سير ۾.
ڏيه ڏهلا ڏمر سيئن، آهيان آهڻا ڏار،
ساهڙ! سائر سير ۾.

جيلاهَ بِدِيَسِ بولَ، تي اَڙانگا آرَ ٽَران.

١٦- سِياري سه رات ۾، جا گهڙي وَسندي مِينهَ،
هَلو نه پُڇون سُوهَڻي، جا ڪَرَ جاڳي نينهَ،
جه ڪي راتو ڏِينهَ، مِهارُ اُئي مَن ۾.

١٧- ساوڻ گهڙي سَپَڪا، هِيَ سَرهي سِياري،
تَنُ وِڌائين تار ۾، اَرواحَ جي آري،
مَحَبتّي ماري، ڪونه دادُ دَرياهَ ۾!

١٨- باندي! جي پيلي ٿيين، نه حالُ گَرهيان هيُّ،
سَگهو ساعَت نه جندڙو، جَرَ ري مُهجو جيُّ،
ساوڻُ سِيارو پائيان، وَهُ پَريان جي وِيُّ،
پارِ جنين جو پيُّ، وَڃڻُ واجبُ تَن تي.

١٩- واهُڙَ! پَريون مَ پاءِ، تو پُرڻ ليکو ڏِيڻون،
سَدا ساوڻَ ڏِيهڙا، هيهمَ نه هُنداءِ،
وِهاڻي وِينداءِ، اوپَرَ اُناهان لَهي.

٢٠- واهُڙَ! وَهين مَ چالَ! سُڪي پيلانيون ٿيين!

پُورِ يندِيَس پارِ مَٽي، سَهسين جي سِنسارَ،
ساھَڙ! سائِر سِير ۾.
گولي، ڳهاڳهائي ڳهڙي، جَڪَنِ ٿا جانارَ،
ساھَڙ! سائِر سِير ۾.

داستان چوٿون

١- اَديُون! سَڀ اَندامَ، چَڙَنِ مُهجا چورِ ٿا،
لاڙِنِ جا لَنءُ لائِي، سا ڪِنءِ آچيان عامَ؟
لَڳِيَس جِھ جي لامَ، سو دِلاسا دوستُ مُهي.
٢- چوڏاري چَڙا، ٻُرَنِ ٻيلاين جا،
سُٽي سَنپارِن جو، ٻِيو ڪَنّ ڀَڙاءُ،
وِهَڙُ مُون نه وَڙاءُ، سُٽيو جهانءِ جهجهي هيُون.
٣- چَڙَنِ چوري آهِيان، سُک ٿي سُمهان ڪِيَّ؟
ساريان ساهَڙ جام ڪي، ڏَهَ ڏَهَ ڦيرا ڏينهَ،
مِهارَ مَرَڪَ سِيَّ، نيهُ پاتُم نيهَ جو.
٤- ڪارا ڪُنَ، ڪاري ٽُڳي، جِتِ ڪارِيهر ڪَڙڪا،

ٻَچَلِ ٻانڌي ٻارِ ڪري، اُتِ اُڀا آرَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

تِتي گهڙي سُوهڻي، آڳَهَ رِءُ آڌارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

”ڪاري راتِ، ڪَچو گهڙو“، تونڍِي ڪي تارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

سَنپوڙو سِيڻاهِ سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ!

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

اورارا آهُون ڪَريان، پَهُچان شالَ پرارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

سُڻو جهانءِ جهڄي هيُون، سانپارا سَنپارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

آيَمِ رِيلي رِيءَ سين، اَللهَ! تو آهارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

تارِ تَرَنديس، لَڙَ لَنگهينديس، وِنديس وَتَ وَچارَ،

ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ م

وڃي رُوءِ ٻروءِ، ڏيکيان دوستَ مهارَ کي.

٩- هُن پر سُٻِمَ هاڪَ، سُڻي سَنيهارَنِ جي،

محبتي مهارَ جي، ڇڙن ڇورِ ٿا ڇاڪَ،

اُنين جي اوطاق، وڃڻ واجب مُون پِٿو.

١٠- ڪيڏاهَ ڳهنڊَ ڳُڙنِ؟ ڪيڏاه اُٿي ويٺيُون؟

تيڏاهَ ٿيُون ڇڙنِ، جيڏاهَ پُٽ مهارَ جي.

١١- ڪٿي ٿئو مهارُ؟ ڪٿي تو ڳهنڊُ ڳُڙي؟

ڪٿي ڏُونهي دوستَ جي؟ ڪٿي پَريُون پارُ؟

جِهه مُون سَبَ جمارَ، جَرَ ۾ جهوتُون ڏِنيُون.

١٢- وڃنِ سبين وينئي، سُورَ وِياڃي سُوهَڻي،

آن ڪا ٿي ڏينئي، ميهنِ جي مهارَ سبين؟

١٣- پُڇئو پنگهنِ پاندَ، وينئي روءِ وڃنِ سبين،

ڪُهه ڪَريندِيس ڪاندَ؟ ڳهرُ پڳو تان گهورِ ٿو.

١٤- ڳڇي پايو پانڌَ، وينئي روءِ وڃنِ سبين،

مٿي مٿي مهراڻ ۾، اڇن ڏ پارا دڙڪا،
ويندي ساهڙ سامُهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونها ٽٽرس سير ۾.

٥- ڪرڪن خوش ڪياس، محبتي مهار جي،
پسڻ ڪارڻ پري جي، آڏي اُٿياس،
سُتي جاڳاياس، سانير سپرين جي.

٦- جياريس سنيار، ڪُهُ ڪريندم گڏ جي؟
ويروتار وجود ۾، پرين جي پچار،
سي سڄڻ هون نه ڌار، جي هيئن ۾ حل ٿئا.

٧- بيلي پار پري، مون کي ڇڙن چورئو،
محبتي مهار جي، سُتي شاخ ڇري،
مٿي جهوڪ جهري، پنديس پار پچن جي.

٨- هُن پر سيم هوء، سُتي سنيارن جي،
ڇت ڇڙن چورئو، جونڪ ٽٽرم جوء،
محبتي مهار جي، بالله پيم بوء،

وَڇوُن جي ڪيرَن سيِن، سَدا تيوُن سُونهَن،
مُنکي ماڻڪين، تاڻي هَنيو تارِ ۾.

٢٠- مِيهيوُن هِن مِهارَ جِيوُن، اَلا! سَڀ جِيَن،
ڪارِ يوُن، ڪَڪيوُن، ڳُنديوُن، وارا ڪِئو وِيَنِ،
جُوء جا جاندارَنِ جي، ٻيلا ٻَڪَ ٻَڪَ ڪَنِ،
اَچِي رڍِلَ رَهَنِ، موُن سانيارا سُپرين.

٢١- چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيوُن مَٿي آرَ،
ڪوڙ يِيِن ڪَرَ ڪَڪَنديوُن، سُٺي سَڌَ ڏڙارَ،
مِيهيوُن ساڻُ مِهارَ، ٻَرَ چي پارِ لَنگهينديوُن.

٢٢- چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيوُن مَٿي ٻيٽَ،
لُڙَ لَنگهينديوُن ليٽَ، لُطفَ ساڻُ، لَطيفُ چي.

٢٣- چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيوُن مَٿي ڪُنَ،
ڪوڙ يِيِن ڪَرَ ڪَڪَنديوُن، ساهڙَ جي سَمُن،
مِيهيوُن ساڻُ اَمَنَ، ٻَرَ چي پارِ لَنگهينديوُن.

٢٤- چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيوُن مَٿي ڪُوهَ،

لايان لال لڳن کي، اَئين جي ڇرو ڪانهَ،
آئون اَواهنجي دانهَ، سَدا پُٺان سنري.

١٥- پيلئا جت پڳيون، آيون اُت وري،
ڪانهه ٻي ڳري، مٺن کي مهار ري.

١٦- مهارا مرڪ، پيتائين پريم جي،
ته مُندَ مَتوالي ڪي، سَندي ساءَ سُرڪ،
لَڳيس ڪامَ ڪرڪ، لوها ٽڪي لَطيفُ چئي.

١٧- مهارا مهي، پيتائين پريم جي،
اُرڪ، سُرڪ، سيّدُ چئي، لَڳيس ڏوٽ ڏهي،
سَگهي تان نه سَهي، ملي جان نه مهار کي.

١٨- مري تان مَ مهارُ، وَٿاڻُ وِلهو مَ ٿيي،
وَٿن جي وَچارَ جو، وِنگو ٿيي مَ وارُ،
ساهڙ مون سينگارُ، ماڙهن ليکي مٺڙون.

١٩- مٺيون هَن مهارَ جيون، اَلا! سڀ ٻچن،

٢- ساندهِ سَڀُ دَريا، پَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪَنبي هيٺُون ڪَماحَقّهٗ، آرَ مَٿي اَرواحُ،
دِلاسي دارَينَ جي، سانڍيو سانڍي ساھُ،
جي تُوھُ ٽِپي تُوڏاھُ، تَ وِيرَ وَهيڻُون ناھِ ڪِين.

٣- سِڪَڳَ وارِنِ سُٽرو، جي دَهشَتَ سان دَرياھُ،
اوڙَڪِ اُنِين جو نَ رَهي، آرَ بِنا اَرواحُ،
وِيندي ساهَڙَ سامُهِيُون، صَدَقو ڪَندِيُون ساھُ،
جَنِ کي حُبَّ اُنَهَ جي آهِ، ساهَڙَ ساڻي تَنِ جو.

٤- گهڙِئا سي چڙهِئا، ايهَمَ اَٿيئي،
مَئي مَٿي مِهراڻَ ۾، پُوءِ ٽِپو ڏيئي،
تَ مِهارُ مِليئي، سَنيُوڙو سِيڻاهَ سِين.

٥- اَکيون مُنهَ مِهارَ ڏي، رِکيُون جَنِ جوڙي،
رَءِ سَنبَ، سَيدَّ چئي، تارِ گهڙَنِ توڙي،
تَنِين کي ٻوڙي، سائرُ سَگهي ڪِينَ ڪِينَ.

- آڏِيَ اُڏاڻا، سَرِتيُون! سُکَ مِهارَ جا،

سَطِي سَڌُ ساهَڙَ جو، راضي تَندَن رُوحَ،
ميهِيُون سانڍُ صُبُوحَ، پَرچِي پارِ لَنگهِيندِيُون.

وائي: مُنکي ڪانَ جهلي، سيڪا پانڌُ پلي،
آئُون وِڌَڙِي نِيهَ اُڇلي.
وِيندي آئُون پارِ پِريان ڏي، مُنکي ڪانَ جهلي،
آئُون وِڌَڙِي، نِيهَ اُڇلي.
تَنَ وِڌائِين تارِ ۾، آڌِي راتِ اُڇلي،
آئُون وِڌَڙِي، نِيهَ اُڇلي.
پَسي ڏُونهيُون دوستَ جيُون، مُهجو جِيُّ جَلي،
آئُون وِڌَڙِي، نِيهَ اُڇلي.

داستان پنجون

١- سانده سَبُ دَرياهُ، پَري ڪَندي پارَ جِي،
ڇَڪي چولِي ۾ گهڙِي، جِتي جِيَّ وِڙاهُ،
پَسُو ڏوهَ ڏَکي هيُون، آرَ مَٿي اُرواحُ،
جي توهَ ٿِيي توڏاهُ، تَه وِيرَ وَهِيڙُون ناهِ ڪِينَ.

شِڪستي، سَيّدُ چَئي، چِيهان ڪَرِئو چوءِ:
”ساهڙ! سانگُ سَندوءِ، اَچي اوراهُم تِئي.“

١٢- سَندو ڏَمُ ڏُهڪارُ، هَڏِ هِمُ ڪونہ هِنَ ڪي،
هِيَ پاڻِي سِيڻ پاهِجو، پُسائي نَہ سِنگارُ،
ڪارڻِ مُندَ مِهارُ، ڪارِيَ راتِ ڪُنَ تَرِي.

١٣- ڏَمُ ڏِيهاڙِي ڏي، سَندا مِيهَرَ مِيهڻا،
جَهلِيمَ تي جهولِيَ ۾، پَلَءِ پائيو سي،
مَرُ جان چالِيهَ چَئي، سَگا سُپيرِيَنِ جي.

١٤- جيهَرَ لوڪُ جهَپَ ڪَري، ڏَرو جاڳَ، نَہ هوءِ،
اوهِيرَ اَچِنو، اَديون! پَہ پِريان جو پوءِ،
جي ڪَچو چُونِمِ ڪوءِ، تَہ مَرَ ڪُ پايان مِيهڻُون.

١٥- تَہ ڪَرَ ڪِنءِ سُئي؟ جي سيرَ نَہ گهڙِي سُوهڻِي،
هِمت حَياتي ڏِيهڙا، هَڏِهَ تان نَہ هُئي،
چُڪي تِہ چَرِي ڪِي، جو ڏُنس اُنِ ڏهي،
سُهڻِي ڪِي، سَيّدُ چَئي، وِڌو قُربَ ڪُهي،

لڏگهي سير سوان ٿيا، ساهڙ سيباٽا،
ڀڃي ٿي پاٽا، پسان مان پرين جا.

٧- آڏي اڏاٽو، هيڙو مون هٿن مان،
وه ڀڳي، واهڙ ٿري، ساهڙ سيباٽو،
پيچ ڀڃي پاٽو، ٻي جو ٻسي آئيو.

٨- جيڏاه چت چاه گهڻون، آر پ اوڏاهين،
وڃي وه واڪا ڪئو، ٽڪو ٿيائين،
مهارُ ملائين، لهرن منجهه، لطيف چي.

٩- ٻلهان، ٻلهو نه رهي، نر تون نيه نبارُ،
گهڙان، گهور ٿو چنڊڙو! اٿل مون اپارُ،
جنين من مهارُ، هلڻ نئين حق ٿئو.

١٠- ٻس! ٻسٽا ٻري ٿيا، اوري سندن آر،
درياه ري سهاڙ، ڏسڻ گهڻو ڏهلو.

١١- ڪاڏي وڃان؟ ووء! جن وهڻ وڃارن منئو،
ڏوڏي ٻچي ڏيه جا، جر سر اپي جوء،

٢- جيڪين ڏنءِ تار ۾، ڪنڌي سو ڪهيج،
جر وڏو جهاجهه گهٽي، پاند ۾ پسائيج،
ساهڙ ساڳاهيج، ته ثابت لنگهين سير مان.

٢- ڳوڙا ٻئي پار، هيون حيرت ۾ پئو،
وهان ته ويرم ٿيي، نيهه ۾ پوءِ نهار،
وڃان ته واڪو ٿيي، پاڙي پوءِ پچار،
هت تي وعدي وار، هت سوڻون ڏينم سر ٿيون.

٢- جا هڙ اندر جيَّ، ساهڙ ڏني ساهه کي،
سا هڙ ڇڙي نه ساهه جي، سا هڙ ساهڙ ريَّ،
ساهڙ ميڙ، سمع! نه سا هڙ ڇڙي ساهه جي.

ائي: اکيون پير ڪري، وڃجي، ووا! وڃجي.
سپيريان جي ڳالڙي، ڪه سان ڪين ڪجي،
وڃجي، ووا! وڃجي.
لڪائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نجي،
وڃجي، ووا! وڃجي.

ھُنِھمَ ھُندَ مُٺي، ٻَرَ ٻُڌِي جا ٻيٽا ٿِيا.

١٦- ڪا جا ڳُنَ ڪرينِ، ڀِنِي ڀُرِ جهڙِ پارَ ۾،
اَکيُون تہ آبَ ڪِي، آڌِي اُڪيرينِ،
لوڙِي لِکُون ڏِينِ، تَپِ اُجَ اُنِين ڪي نہ لهي.

١٧- دائِمُ جا دَرياہَ ۾، مَڇِي ڪِني ڪوہُ؟
آهِس اِيءُ اَندوہُ، پاڻِي کٽي تہ پيان.

١٨- ڪيرَ ڳُنَ؟ آئون ڪيرَ؟ ڪيرَ ڏَمرَ سَڀِي ڏَمَ جا؟
قضا رِءَ ڪيرَ ڏَرِي؟ مٽي پاڻِي پيرَ،
پينرُ! ٻِنِي وِيرَ، لِڏو تي ٿِي لوڙِيان.

١٩- جي ٻُڌان تہ ٻَنِّ، اولِجان اُنَ پارَ ڏي،
کَنڌِي اَچُو سُڀِرين، مانَ "ٻَرِ ٻَرِ" کَنِّ،
مُيائِي سَين تَنِّ، جيڪَرَ اُٿِي نِڪران.

٢٠- لَهر مِڙوئِي لالَ، وَهَڻُ ڪٺورِ ئا وِترو،
اوِڀارا عَمِيرَ جا، جَرَ مان اَچِن جالَ،
ڳُنَنِ گهڙِي ڪالَ، سِڪ پِريان جي سُوهڻي.

سو موٽي ڪنءَ پاهون؟ جو محفوظا معاف ٿئو.

٥- 'الستُ' ارواحن کي، جڏهه ڇپائين جيَّ،
'قالوا بليٰ' قلب ۾، ٿئو تفاءُ لُ تيَّ،
محبتي مهار جي، آئون نهوڙي نيهه،
سرتيون! ساهڙ سيَّ، هاڻ مون حقُّ ٿئو.

- 'الستُ' ارواحن کي جڏهه امر ڪئو احد،
هو من ڪابو مهار ڏي، سهڻي سڪڻ سد،
دلو دور درياه جي، ڪئو ارادي اَدَ،
جيڪين آيس ڏاه عهد، سو پاري منڌ پاتار ۾.

- 'الستُ' ارواحن، جڏهه فرمايو فتاح،
هو من ڪابو مهار ڏي، سهڻي سڪڻ ساه،
دلو دور درياه جي، ڪئو ارادي اداه،
جيڪين آيس ڏاه الله، سو پاري منڌ پاتار ۾.

- 'الستُ' ارواحن کي، جڏهه فائق فرمايو،
هو من ڪابو مهار ڏي، سهڻي کي ساعيو،

مَحَبَّتِي مِهارَ جو، سُورُ نه ڪو سَلجي،
وَڃجي، ووا! وَڃجي.

داستان ڇهون

١- ساهَڙ جا سِنگارَ، اَڄَ لِڪا آهي هُئا،
تَڪا ڪُنْ ڦيڪُون هُئي، تَڪا ٻي پچارَ،
مَلڪَتا مَهِل هُئي، توڙي جي تَوارَ،
مَحَبَّتَ ساڻُ مهارَ، لايائين، لَطِيفُ چئي.

٢- سُهڻيَ کي سِنگارَ، اَڄَ لِڪا آهي هُئا،
ڪُنْ ڦيڪُون ڪانَ هُئي، تَڪا ٻي پچارَ،
مَرڪي ساڻُ مِهارَ، لايائين لَنءُ، لَطِيفُ چئي.

٣- گهيڙ لَنگهئو گهاري، ميثاقا مِهارَ سان،
اَلَسْتُ بِرَ بِڪُمْ؟ قَالُوا بَليٰ، پِرِ اِها پاري،
ڏِسئو، ڏيکاري، پِرت پِريان پيچرو.

٤- 'اَلَسْتُ' اَرواحَن کي، جَڏه چيائُون،
ميثاقا مِهارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون،

١٣- ڪاري رات، ڪڪر گهڙو، اُٺيئه اونداهي،
چنڊ نالو ناهِ ڪو، درياهَ ڏرَ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڌيءَ ئي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪُنن ۾ ڪير گهڙي؟

١٤- ڪاري رات، ڪڪر گهڙو، نڪا سِٽڪه ساڻُ،
وِجهي ويرم نه ڪري، پريان ڪارڻ پاڻُ،
محبت کي مهراڻُ، سُڪي سڀُ پٽُ ٿيو.

١٥- ڪاري رات، ڪڪر گهڙو، مٿاءِ وسي مينهُن،
هِڪو پيو بيراهَ جو، ٻيو سانپارا سينهُن،
شالَ م ڇڪي نينهُن، گهڙان، گهورِئو جندڙو!

١٦- اوڙ نه پراڙ، ويچاري وهَ وچ ۾!
سُڪي ڌني سُڃرين، ٻيو مڙيوئي تارِ،
تون گهڙ، ڪيم نهارِ، ٻُڏندن سين ٻاجهون ڪري.

١٧- هِن پارِ، نه هُنَ، ويچاري وهَ وچ ۾!
نيڇ نهاري نه گهڙي، تِه ۾ پئس تَنَ،

دلو دور درياه جو، اوڏاهين آيو،
جيڪين هادي هلايو، سو پاري منڊ پاتار ۾.

٩- 'اَلَستُ' اَرواحن کي، جڏهن چيائين،
هو من ڪايو مهار ڏي، سُهڻي سدائين،
جيڪين آيس اوڏاهين، سو پاري منڊ پاتار ۾.

١٠- 'اَلَستُ' اَرواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل،
سئين راه، سيّد چي، سوناُئون سبيل،
وحدت جي وادي ۾، ڪوڙين کي قليل،
درياه جي دليل، لوڙهي لهوارا ڪيا.

١١- ڪامان، پچان، پڇران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تنس پرين جي، پيان نه ڍاپان،
جي سمنڊ مَهَه ڪريان، تو ۽ سُر ڪيائي نه ٿيي.

١٢- ڪامان، پچان، نه مران، سڙان ساري رات،
پن پاڻي کي وجهي ڪر پرين جي تات،
سيڏون سنڌيون سڄڻين، اُيرن آڏي رات،
نه ڪين همت نه سات، ڏيهاڙئو چنگ چڙهان.

٢٤- سُکيَ جي سانباهِ ۾، ٻُڌين، توءِ ٻُڌُ،
ڪَکَ، ڪانڊيرا، ڪانِيُون، ميڙي ٻَڌُ مَ مُڏُ،
نَڪو ساهَڙَ سَڌُ، نَڪا سُڃي سُوهَڻي.

٢٥- جي تو ٻيهَت پاڻيا، سي آيَئُون آهينِ،
نِئو مَنُ لائينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

وائي: ويٺي ڪِينَ وِساري، مُحَبَّت وِڌڙِي ماري،
ديواني، يارَ! وو! مَستاني؛ دِلبَرَ! جاني! وو!
لا! ويٺي ڪِينَ وِساري.
جهِ کي سِڪَ ساهَڙَ جي، سا گهايِل گهَرِ نَ گهاري،
لا! ويٺي ڪِينَ وِساري.
ڏَمُ ڏُهيلو ڏُکِئو، سِرَ ۾ سؤنٺا ماري،
لا! ويٺي ڪِينَ وِساري.
ٻيلي پاسِ ٻُرَنِ جي، تَنِ کَرِڪنِ وِڌِيَسِ ڪاري،
لا! ويٺي ڪِينَ وِساري.

اَلَڳهه ساڙ اُمَّن، آرا ڪهه اڪاريين.

١٨- سَهَسين سائَر ٻوڙيون، مَدَ ٻوڙئو مِهراڻ،
وَه وِڃائيو پاڻ، هَٺي ڪَنڌَ ڪَپِنِ سيِن.

١٩- سَهَسين سائِرَ ڳَجَنِ، تَوءِ سَهَجَ نَه مَٿي سُوهَٺي،
نَه ڪي نِيهَه ڇِڄَنِ، پِر تَهِم پِرِيَنِ جي؟

٢٠- سُپيِرِيان جي تُرَهي، ٻُڌين، هَمَتَ مَ لاءِ،
صُباحَ تان چُنداءِ: "اَسان تو اڪارِئو."

٢١- سُپيِرِيان جي تُرَهي، ٻُڌين، تَوءِ مَ لَڳُ،
جي پايين پِرِي مِڙان، تَه پُوُرَ اَٿَي وَڳُ،
پاءِ تيڏاهِم پَڳُ، ناهِ جيڏاهِم نِجهرو.

٢٢- سُڪِي جي سانباهِ م، جُڙهه ٻُڌِيون جي،
ساهُڙ تَنِين ڪي، بيلي ٻنين ڪَنڌِيين،

٢٣- سُڪِي ٻُڌَنِ جي، ساهُڙ ساٿِي تَنِ جو،
لَهرِنِ سِرِ، لَطيفُ چئي، ڪُلَنِ چاڙهئو ني،
جي پُڄَنِ پَنڌُ پَري، تَنِ اماٺِي اورهُون.

٣- ڪانڌي ڪنگ ٽِئاس، وهڻ جنازو سوهڻي،
ٻگها جي ٻيڙن جا، ڪُلا تن ڏناس،
اکيين مَلڪ ڏناس، توءِ مَن ڪايو مهار ڏي.

٤- اِيو تِڙ مهار، ملاحن سَڏ ڪري،
آئُون پڻ وِجهان هٿڙا، اَئين پڻ وِجهو ڄارُ،
گهوريون ڪارُنيارُ، مان ٻِڙنهون سُپرين.

٥- مهارُ ملاحن کي، اِيو آڇي اَڇ،
آئُون پڻ وِجهان هٿڙا، اَئين پڻ وِجهو وَڇ،
سَندي ڪُن ڪَڇ، مان هُونِ سَلامت سُپرين.

٦- مهارُ ملاحن کي، اِيو ڪري سَڏ،
ادا! اِنهين پار جا، موڙي اچو مَڏ،
وِنا جي وَهَ گَڏ، هَلو تہ ڏوريون اُن کي.

٧- ڪَنڌي جهلئو ڪانہ، عاشق اِيو آهون ڪري،
تو ڪِنءِ ٻوڙي سوهڻي؟ ٻيلي! مُهجي ٻانہ،
دَرِياهَ! توکي دانہ، ڏيندس ڏِينهَ قيام جي.

بيلي ٻنهين ڪندا ڀين، مُحبّ منهُون تو چاري،
لا! ويني ڪين وِساري
هر هُنگارون، ٻون پُڪارون، تنهن تن دوس توواري
لا! ويني ڪين وِساري
هُوءِ جا ڀِڪ ڀرين جي، آهيان ته آساري،
لا! ويني ڪين وِساري

داستان ستون

١- تنهن نه گهڙي تُون، توءِ من ڪاڏو مهار ڏي،
ڏاڍو ڏور ڏرياهه ۾، سِڪڻ وڏو سُور،
من ۾ موج مهار جي، پهس پريان جو پُور،
بيلي ٻنهين ڪندا ڀين، نت نهاري نُور،
منجها جر ضرور، ڪجي ڪي ڪوم نبي.
٢- ٻوڙيين، چاڙهيين تُون ڏٺي! ٻي جو ڏعوي رسي نه دم،
هن مهجي حال جو، منهنجو ني معلم،
رک پيلي جو پورم، جو اچي ٻنو اجهورن ۾.

اَندرُ آئينو ڪري، پرِ ۾ سو پسيج،
اِنهَن راهَ رميج، تہ مُشاهدو ماڻبين.

١- هاري! رکج حقُّ، سانپارا ساهڙَ جو،
خوابَ، خيالَ، خطرا، تنين ڏيج ترڪَ،
ڪرين غيرَ غرقُ، تہ مُشاهدو ماڻبين.

١- سانپارا سيئي، تَنُ جنين جو طالبو،
مَنُ پريان نيئي، ٻجهيو پارڻَ ڳري.

١- ليا ڏِنم لارَ، سانپارا ساهڙَ جا،
هيُون همتِ نہ وندري، ڏراڙَنئُون ڏارَ،
مُهجو مَنُ مِهارَ، ٻجهيو پارڻَ ڳري.

ائي: آيل! اَمڙِ! ني جيان، لا! جي سارِ يئمِ سُپرين.
ساهڙَ مٿاءِ صدقو، ڏهين ڏمَ ڏِيان،
لا! جي سارِ يئمِ سُپرين.

مَٿا ماڪَ هيڪڙي، اُملَ اَٿَ ڏِيان،
لا! جي سارِ يئمِ سُپرين.

٨- جِتي ٻيڙ ٻڙَنِ، ٻِڙيُون ٻُوڙِنِ ٻواڙِيُون،
تانگ نَہ لَڌي تارُئين، مَڇُ نَہ مانگرِنِ،
ڪَنڌِيَ اُيا ڪيتَرا، سِيٽايا سَنڱَنِ،
تُون ڪِنءَ تَنِ تَرَنِ، اچڻو اَساري! گهڙين؟

٩- ٻيڙيُون ٻِڙ دَرياهَ، پَسُ! جي پارِ پُونديُون،
ٻَڌُ تَوَڪُّل جو تُرهو، آهَرَ ساڻُ اللهَ،
جَنِ جي ساهڙ ساڻُ صَلاح، سي ڪِين ٻُڏَنديُون ڪَڏهِن

١٠- سانپارا سَڌَ ڪئو، اُيا چُونمِ: ”آءُ“،
هِڪُ نِڪوئي تارِ وَهي، ٻِئو لُڙُ لَهرِيُون ۽ واءُ،
ساٿِي جَنِ اللهُ، ٻُجهان، سي نَہ ٻُڏَنديُون.

١١- سانپارا سَڌَ ڪئو، اُيا چُونمِ: ”اَچُ“،
هِڪُ نِڪوئي تارُ وَهي، ٻِئو هَمَت ڪَميٽي ڪَچُ
ساٿِي جَنِين سَچُ، ٻُجهان، سي نَہ ٻُڏَنديُون.

١٢- هارِي! حَقُّ رَکيجِ، سانپارا ساهڙ جو،
خوابَ، خِيالَ، خَطرا، تَنِ کي تَرڪُ ڏِئيجِ،

۵- آهيين هٿ اماڻ، ٻڌ ٽُرهو ٽارِ جو،
لهريون، لڙ، لطيف چئي، جهليا جنگ جوان،
اونهي ٽُڙ آڳهتيا، آڏي پائي آڻ،
جي پٽيا مُهِ مهراڻ، تن پانڌين پيٽ نه اُجهي.

- ڪچو ڪان ڪنيار، اوڳي! ڳنئو اُتيين،
ڪِ تو ڪنين نه سُئي؟ پيلي ٽي پُڪار،
لوڙهيا لڪ، لطيف چئي، ڪوڙيين ڪارُنيار،
اُڪاريين، آڏار، آرا آڪي واريين.

- ڪچي ساڻ ڪهي، پڪو پڇي نه سُوهڻي،
لنگهئو لڙُ، لطيف چئي، وچارِنِ وهي،
سا ڪِنءَ نيهُه نهي؟ جه ڪي نيهَه نڌو ڪٽي.

- اُونهي ۾ اوهري، ڪهي ڪچي ساڻ،
سُپڪ جو، سيد چئي، پڇي نه پرياڻ،
عشق واريون، عبداللطيف چئي، سڌ نه ڪٽن ساڻ،
جنين پاسي پاڻ، سي اوتر اُڪتيون.

اَچين، عَبدُاللطيفُ چئي، ٿ، جانبُ! نمتُ جيان

لا! جي ساريندم سُهرڻ

داستان اٺون

١- ٻُڌَندي ٻوڙَنِ کي، ڪي هاتڪَ هَٿَ وِجهنِ،
پَسو اَنڌَ، لَطيفُ چئي، ڪيڏي کي ڪَکَنِ،
ٽوڪي ڪَندي ڪَنِ، ناتَ سائُنِ وَچنِ سِير ۾.

٢- ڪَڇي ڪاني ڪانهَ، ٻُڌا ڪَڏي بارِ مان،
يا لَنگهائي، لَطيفُ چئي، يا ڏُرِ نا ڪَري دانهَ
ڪَما حَقُّهَ ڪَکَنِ جي، آهي ڳالِ اَڳانهَ،
جيڪين ڏي ٻُڌَنِ کي بانهَ، ناتَ سائُنِ وَچي سِير

٣- جان ڪين ڪَندي ڪانهَ، تان تائي ٻَڌج ٽُرَه
هَٿُ پِرِيان جي هَٿَ ۾، ٻي کي ڏِجِ ۾ بانهَ،
سَندي ڪَپرَ دانهَ، ڪ تو ڪَنين نَه سُئي؟

٤- هاوا ٽا هُلَنّ، ڪَپرَ ڪارَ نيارَ جا،
لَهرِ يون، لُڙَ، لَطيفُ چئي، پيلي پَي پُلَنّ،
جي ڪَڇي ساڻُ ڪَهنِ، آڪو تَنِ اوباهيين.

جي جَنين جا جَمّ، پَڪا سي پُڄنديُون.

١٤- پَڪا رَچ ڪُنڀار جا، پَڪي نِيهائين،
مُون ڪي تنائين، پيلو پاڳي آئيو.

١٥- ڪَڇي ڪَٽُ نہ جهلئو، پيلو پئو پُري،
سارَ ڇَڏِ پائين سِير ۾، بانهُن ڪان ٻُري،
لَٽي لَهرِيُون ويئيُون، ڇوڏاري ڇَري،
هيَڙي مَنجهہ هُري، ماهيَت مَلَڪُ اَلمَوت جي.

١٦- ڪَڇي ڪَٽُ نہ جهلئو، پيلو پئو پَڇي،
ماهيَت اَلمَوت جي، مَنجهہ وُجُود وَڃي،
ساهَڙَ ڪي سَڇِي، آڪي جي اَحوالَ جي.

١٧- ڪَڇي ڪَٽُ نہ جهلئو، پيلو سهي نہ پَرُ،
هَٿين، پيرين، آڱرين، بانهُن ڇَڏِيو ٻَرُ،
ساهَڙَ! سگهو وَرُ، پيئيس مُنهن مهراڻَ جي.

١٨- پيلي پُلائي، پَسي ڇِٽ ڇَري ٿِيي،
"ٻَرَ! ٻَرَ! ٻُڌي سُوهَڻِي!" وِيرِن ۾ وائِي،

۹- اَنگَ پَسي رَنگَ، ڪِنهِن ڪو جو دَورُ دِلي،
ٻر! ٻر! ٻيلي نَه ٿِئو، ڪَڇو مَنجهه ڪِلي،
ٽَران ٿي ٽارِ ڳَهِڻُون، ٿُهجي، ٻَڪر! ٻلي،
سو ميهارِ وِرِ مِلي، آهيان جهجي آسَري.

۱۰- پايُمِ نَه پيلو، مُنکي ڏاءِ ڏُٽارِ ئو،
آڪي مَٿي اُسَري، رُوحَ ڏِٺو رِيلو،
ٽيلاهِمَ ويلو، پِٺُمِ واهُڙَ وِچ ۾.

۱۱- ڪَدِئا جي ڪُلالَ، سي پَسي خالَ خُوشِ ٿِيي،
پاڙِيَ چِٽَ پُسائِيا، ڏاءِ نَه جهَلي ڏَمالَ،
سُپَڪَ پانيان سُوهَڻِيَ، جوڙَنَ جي جَمالَ،
آڪي جا اَحوالَ، مَعلُومُ ٿِئا مِهرانَ ۾.

۱۲- ڪَڇو، ٽان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پِرِينَ جو،
ساهُڙُ مُهجو سُپِرِينَ، ڏَمَ ڏِنيئي ڏوهُ،
جي ڇِنُو، جي ڇوهُ، نَه پُورِيندِيس پارَ مَٿي.

۱۳- آڪو نَه آڪو، ڪَڇو آيُمِ ڪَمِ،

ساھڙَ جي صلاحَ، تَنَ کي ڪَڏي تارِ مان.

٢٤- تَنَ کي ڪَڏي تارِ مان، صُلحُ ساھڙَ جو،
اِت آڏو اَچي ڪِينَ ڪِينَ، ٻِليھو ٻِي جو،
ميھَرَ! ڪِجِ مُھجو، ڪو اوڪُرُ ڪِھِين آرَ تان.

ائي: مُون پارِيڇيَ سارَ، آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ،
ڏَمُ مَ جاڳِي، لو! مُون پارِيڇيَ سارَ.
مُنکي ٽِتي ميڙِيِين، جِتِ ڪُنڍِنِ جي قَطارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ.
ٻُرَنِ ٻيلاين جا، سانيارا سَنيارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ.
وِچُ مَ ٻوءِ وِصالَ کي، سَٻاجها سَتّارَ!
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ.
گَھرِ گَھرِ گِلا جا وَھِي، پاڙي پَنڌ پچارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ.
تاڪِنِ تَڪي آھِيان، سِگھو رَسُ، سَھاڙَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وِچارَ.

ڪَڇي ڪيرائي، لالَ لَهرِن وِچ ۾.

١٩- ٻَڪو ڪَٽِيج پارَڻ سِين، ڇِڳُون ڇِنائي،
ڪَڇو ڏيج ڪُلالَ کي، مَٽُ تي موٽائي،
سو سُرڻ هيِين سِين، سُوهَڻي! جيڪِين فائِقُ فرمائي
مُون مُنجهائي، مارِينٺِي مِهراڻ جِيُون.

٢٠- ڪو جو وَرِئو واءُ، جِن ٻَرُ ٻانهِن ڇَڏئو،
اَگِي اِنَ تَرِڙاءِ، اُنڌاهِيائي اُڪران.

٢١- هَٽَندي ٽَڪَر هُٽَ، هيَڙِي حُجُون ڇَڏيُون،
لَکُ لَهرِن گَڏئو، مَوجُون وَرِيُون مَٽَ،
نِيمَ ڪُن قُوَّت، پِرُ، پَلِيرا سُپرِين.

٢٢- هيَڙي حُجُون ڇَڏيُون، قُوَّت رَهِيَم ڪانَ،
مُون تي مونِج، مُون پِرِين! ساهَڙَ جامَ سُڄاڻَ!
آهيان گَهٽُون اَجاڻَ، پِرُ، پَلِيرا سُپرِين!

٢٣- پِرُ، پَلِيرا سُپرِين! پَلا ۾ پِيراهَ،
تو رِ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِ واهَ،

وڃان ڪين ورِي، هُند رِء ڇڏِي رهي رهان،
ڏُنهي ڀاسِي دوس جي، ماڳهه پُٺان مري،
صورت نه سُنهه ڪا، ڪِيس ڇت ڇري،
وِصالا فِراق جِي، سُڃي ڳالِ ڳري،
تيلاهِم تري، مُنهه ڳِنئو مونئو وڃان.
جي قيام مڙن، ته ڪر اوڏا سُپرين،
تهان پِري سڄڻ، واڌايُون وصال جيئون.

آئُون ڪ نه جاڻان اِيّ؟ ته جر گهڙيي جوکو ٿيي،
قضا جا ڪريم جي، تهه ڪان ڪنڌ ڪِي بو ڪِيّ؟
هڪ لِکيي، بي نيهه، آئِي اولِيس اول ۾.

نه ڪانِي نه ڪانهه، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتيئي لکئو، جت نه وسي بانهه،
ڪه ڪي ڏيان دانهه؟ قضا قلم وهائيو.

تڙن جا طعنا، سهڪا ڏينم سرتيون،
ڏرياهه ديوانا! سُڻ حقيقت حال جي.

داستان ٽئون

١- جر ٿر لک لوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سڀئي شيءِ ثنا، سوري سزاوار،
هَمه منصور هزار؛ ڪهڙا چاڙهڻو چاڙهئين؟

٢- سڀِت ٻچار پرين جي، سڀِت هوت حضور،
مُلڪ مڙو منصور، ڪهي ڪهنده ڪيترا؟

٣- لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو،
اونهي ته عميق جي، واري چڙهِ وماس،
جت ناه نهايت نيهَ جي، ڪوءِ اُت پڇي ڪاس،
ترن جي تلاس، لاه ته لالن لڳ ٿيين.

٤- مرج وٽ مهار، متان موٽين، سوهڻي!
ساهڙ جا سنگار، متان ڏم ڏيکارئين.

٥- چوندم جي هيڪار: ”مر وڃ موٽي سوهڻي!“
ڏنهي پاسي دوس جي، گهاريان سڀ جمار،
بانڌ ٻِيا بيهار، هُند نه لڳين لائيان.

سِڪَ ٿُهجِي، سُپِرِين! اَندَرِ ٿِي اُجهَلَ،
ڀَڙَڪئو ٻاهَرِ نِڪَرِي، ڪُوڙِي ڪانئي ڪَلَ،
رِءَ سيراهِي سَلَ، مُون کي ڏِنا سَڄَڻين.

سِڪَ ٿُهجِي، سُپِرِين! اَندَرِ ٿِي اُجهاڳَ،
مَنجهِين پِرِئا ماڳَ، پَلَٽِئا پارِيُون ڪَرِي.

ڪِينَ تَران، ڪِينَ تارِ مُون،
ڪِينَ سَگهان، ڪِينَ سَگهُ،
آڏو ڏيهِ مَ لَڳُ، مُون هيڪَلِي، وَلَها!

سِڪَ سِڪَندِيَن لاهِ، وِڇوڙَئا ميڙَ پِرِينِ،
ايڏِي سَگهَ، سَچا ڏَڻي! توهِمَ کي جُڳاءِ،
تَنُ جَنين جو طالِبُو، مِهرَ تَنين کي پاءِ،
ميڙائِي جو، ماءِ! ڪانگَ لَوَندو ڪَڏهين؟
ڏِني ٿَئَمِ ڏِيهَ، ڪَهُ جاٽان کهڙا پِرِين؟
نيڻَ پَرِجي نيهَ، پَلَٽِئا پارِيُون ڪَرِي.
ڏِني ڏِيهَ ٿَئامِ، ڪَهُ جاٽان کهڙا پِرِين؟

١١- تَران لَءِ طَعني، مٿي وَهَ واڪا ڪِئو،
آٽي وِتِيَسِ آرَ ۾، دَرِياهَ ديواني،
قَلَمَ جي ڪاني، آٽي اوليَسِ اوَلَ ۾.

١٢- ٽُران تان مَران، ڦَران تان وَهَ وِتِرو،
هيَڙي ۾ هوتَنِ جا، اَچِنِ گهوڙَ گهٽان،
پَسو پاڙي وارِيُون، ڏِسيو ڏُوهَ ڏَران،
وِڃا ڪِنءَ ڦَران؟ ڪنڌي مُهجو ڪارِٽي.

١٣- نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ،
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاٽي پارَ لَهي.

١٤- عَدَدُ ناهِ عِشقَ جو، سُٽي ٿِيُ ساٽي،
ڪانِهَ پُڄاٽي، مَهِدا، مُنڌَ! مِهارَ جي.

١٥- سِڪَ ٿُهجي، سُپِرِين! جِنءَ ٽَران تِنءَ تارِ،
تُنهِنجو رِهِئو رُوحَ ۾، تُنهِنجو اَکِئا بارِ،
پِرِين! ٿُهجي پارِ، مُون واجهائِندي وَرَهَ ٿِئا.

١٦- سِڪَ ٿُهجي، سُپِرِين! ڪِهي ءِ ڪوري،
سَگهان نه چوري، ڏاڍو نِيرَ نِيهَ جو.

ڪُهه آئَڻُ! ٻَنِ جيڏِيُون! ڏيرِاٺِيُون ڏُٺارِ!

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

پَڪو ڪَٽِجِ پاڻَ سيبِن، ڀِرِيِن ٿُهجو پارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

وِيندي وانارُئَنِ کي، پَٽَيِ ڪيمَ پچارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

پُنديين مُهه مِهارَ جي، ڏَمَ وَتِ ڏِيهه مَ گهارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

ساهَڙَ کي، سُڻُ، سوهَڻي! ٻِچَلِ آڏي پارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

تارِ تَرَنديين، لُڙُ لَنگهنديين، عِشقَ جي آڌارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

پانڌُ مَ ڇَڏِ پِرِيَ جو، پِهين جي پاتارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

ٽُندو سَڌُ ساهَڙَ جو، توڏي! ٿِيءُ تيارِ،

تِرِڪَڻِ آهي تَرَ ۾.

وَلِ جنءِ وَرِيامِ، گُمُدَرُ غَمَ پِرِيَنِ جا.

٢٣- ڏِني ڏِيهَ تِڏامِ، ڪُڪُهُ جاڳان کھڙا پِرين؟
سُهڻين سِڄُ اُلهي، واجهائيندي وِيامِ،
تِنين سالَ تِڏامِ، جِنين ساعِتَ نَه سَهان.

٢٤- گُهرُ، نَه وَرُ، نَه وَتُ ڪا، آهِمِ مَنّ مِهارُ،
لِن اوسيڙي اُتيانِ، سَنجهي ڪَري سِنگارُ،
پِرين! تهجو پارُ، پَسان مان پَرَ ڪَهِمَ.

وائي: هوئِجِ هُشيارِ خَبَردارِ، تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
ڪَڏُون، ڪُوبا، چِڪَ، چِڪَنديُون، تان ڪِينَ نَڻي نِهارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾
آڏي سي آڪُڙنديُون، اُکيُون جن ڪِپارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾
مُون سو مَلاحَنِ کان، تَڙَ اُٽانگا تارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾
هوتُ هَلندِيَن کَنئو، وِهَڻُ، مَندَ! وِسارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾

جي ٻُسي مُنهُ مِهارَ، نہ سِگهيائي سگهي تِيي.

٦- مَتان گهِڙين، سُوهَڻِي! اَڄُ دَرياهَ ۾ دَمُ،
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ ۾، ڪِهڙو اَٿئِي ڪَمُ،
مَتان جاڳِي ڏَمُ، پُڇِي پاڙِي وارِيِن.

٧- پُڇِي پاڙِي وارِيُون، ڪوهُ ڪَرِيندو ڏَمُ؟
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ ۾، آهِ ڪاڏِيارِنِ ڪَمُ،
هِيءُ هَڏو ۽ چَمُ، گهورِئو مُحِبَ مِهارَ تان.

٨- ڏِيهاڙِي ڏَمرُ ڪَرِي، مَٿي مَحَبَّتَ مُون،
تہ ڪِي اَچِي تُون، پِرِيَمِ! ڪوهُ نہ پَلِيِين؟

٩- جان جان هُئِي جِئَرِي، وِرچِي نہ وِيئِي،
وَچِي پِنُ پِيئِي، سِڪَندِي ڪِي سَڄَڻين.

١٠- جان جان هُئِي جِئَرِي، وِيئِي نہ وِيسانڊِ،
لُڙهِي لَهرِنِ پانڊِ، مُيائِي مِهارَ ڏِي.

١١- وِرُ اُنداهِي راتِڙِي، چانڊوُڻِيَ چانڊا،
اورِي مِهارا، مُنهُ مَ ٻُسان ڪو ٻِئو!

ابيات متفرقه

١- ساهڙَ ڏارا سُوهَڻيِ، اَڌ وَٽِي آهي،
ڪُنڍيُن جو ڪاهي، پاسي تهين پاڪَ ٿِئي.

٢- ساهڙَ ڏارا سُوهَڻيِ، نِسوري ناپاڪَ،
نَجاسَتَ ناهِ ڪَري، اُنِين جي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تَنِين پاڪَ ٿِئي.

٣- ساهڙَ ڏارا سُوهَڻيِ، هِيَ ٿان جُنبي جوءِ،
هِنَ پاڻيءَ سِين پاهِجو، مُورِ نه مَٿو ڌوءِ،
جي پِرِيَ پاسي هوءِ، نه ڪَرَ تونِڏيَ تُڙُ ڪِٿو.

٤- ساهڙَ ڏارا سُوهَڻيِ، هِيَ ٿان جهُڪي زالَ،
تونِڏيَ تَپُ شُرُوعِ ٿِئو، هَيءِ! هِيڻِيَ جي حالَ،
جَڏي رِءِ جَمالَ، اَگهي ٿي آهُون ڪَري.

٥- ساهڙَ ڏارا سُوهَڻيِ، آهي مِ آزارَ،
ڏَمَر پاسي مِ ڏُکَندو، صِحَتَ وَتَ سَنگهارَ،
تونِڏيَ سَندي تَنَ جي، دَوا مِ دِيدارَ،

دامَنَ ڀيڙيِ، چنگُلُ ميڙا، روزَ قيامَتَ تائين،
پيرُ اَسانڏا حضرَتُ ميران، ڪُلَ دِي آسَ پڄائين.

ائي ٢- توکي مڱان جو تون آهيين، ٻئو دَرُ ڪونہ سُڃاڻان،
اِلاهي! عِنايَتَ سين تواز ين نماڻا،
اَنڏا ڪَرين اَڱڻ ۾، ڪوتائين ڪاڻا.

ائي ٣- نهين نهين ميڙي وَسِ،
وو! بِنا دِلبَرَ هيَ دِلِ ماندي.
سڪان ٿي سَنگهارَ کي، باب نہ مُهجي بَسِ،
مُنکي مَت مِهارَ جي، ڪانَ اچي بي ڪَسِ،
دَردَ دَسي آهِيان، دَردُ مُهين جو دَسِ،
سُکُ نہَ ٻئي سوهَڻي، ڏکُ ڏکيَ کي ڏَسِ.

ائي ٤- لَڙڪي لَنءَ نہَ سُڃاتو، راند ياپائين راز کي.
اَندو اُلوهيتَ کان، آهي لاءِ اماتو،
صُباحَ سو نہَ شُمارَ ۾، ليکڻا جو اَڄُ لاتو،
پيِمَس ڪاڻ ڪَريمَ سين، نِعُس نمرودي ناتو.

١٢- سَدا پُڇ مَ، سُوهڻي، اُنداهي اَڌ راتِ،
پِريان ڏي پِرڀاتِ، وانءُ ڏِينهاري ڏيهَ کي.

١٣- سائرَ ٻوڙي سُوهڻي، نَه ٻوري نَه ٻَڌيَ،
اَکِنِ مَنجهه اُڪنڊَ، مُيائي مِهارَ ڏي.

١٤- ساهڙُ سُڪي مِ ٿئو، پاڻي مَنجهه پُنو،
سَندو ڪَچَ ڪُنو، تارِ تَرَندو ڪيترو؟

١٥- ساوڻَ لهريُون، تَرَ واري، تِرَ وارَ،
اِنهائي اُپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪئا.

١٦- نَه مُون نانا ڻئا ڪَتئو، نَڪين ڏاڏا ڻئا،
پِرين جي پارا، مُون سين وَڏائي وَڙَ ٿئا.

وائي ١- ڪُهه جا ڻان ڪيڏاهين؟ مُهجو تَنُ تَڻي تيڏاهين
سائين نيڻين نيهڙو لڳائي وِڌَڙ
جيڏاهَه عالمَ آسَرو، مون پُڻ آهي اوڏاهين،
ڏُنهي دوستَ مهارَ جي، ڏيهي جنءَ ڏنائين
ساري سُپيرين کي، رَهه پِرِ رَتُ رُنائين،

سُر سهڻي

ڏکين لفظن جي معنيٰ

